# اِخلاقي سبق

[ ڀاڱو ٻيو ]

# Moral Lessons

## PART II.

ميلارام منگترام واسواڻي

ڇپايل
سنڌ ساهتيه پبلشنگ هائوس
ڪراچي نمبر ١

Email: info@SindhiSangat.com

١٩٣٦ع

# فهرست


| سبق | صفحو |
|---|---|
| ١. سڀ کان اعليٰ چيز | ١ |
| ٢. ٻڍيءَ جو ٽڪو | ١٤ |
| ٣. سچائي | ١٨ |
| ٤. يڌشٽر جو پهريون سبق | ٢٧ |
| ٥. نادان دوست | ٣٢ |
| ٦. ٽالو قائم ڪئن رهندو | ٤٣ |
| ٧. وفادار نوڪر | ٤٨ |
| ٨. ٻهشت ۽ دوزخ | ٥٣ |



Printed by Sri Hiranand Karamchand at the Hindustan Printing Works, Kemball Road, Karachi,
and
Published by Melaram Mangatram, at the Sunder Sahitya Office, Kemball Road, Karachi

# ديباچو

شخصي اُنتي، سماجڪ سڌاري خواه قومي
بهبوديءَ جو مکيہ مدار اخلاق تي آهي. اخلاق
ڪاميابيءَ جي ڪنجي، سک جي راه ۽ ميل ميلاپ
جو وسيلو آهي. اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ اخلاقي
سکيا لاءِ ننڍي عمر ئي خاص موزون آهي. اِهوئي
سبب آهي جو اڄ ڪالهہ ساري دنيا ۾ ٻارن جي
اخلاق جي سڌاري لاءِ هلچل هلي رهي آهي.
عام طرح سڪولن ۾ ۽ ڪن گهرن ۾ ٻارن جي
علمي هوشياريءَ تي ڌيان ڏنو وڃي ٿو، مگر نہ
سندن چال چلت تي. سچ تہ نيڪيءَ جو درجو
هوشياريءَ کان گهڻو بلند آهي، مگر تعجب ۽
اَفسوس آهي تہ اُن نيڪيءَ طرف ڪن ٿورن جو
لاڙو ۽ ڪوشش آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو
وڏي هوندي تعليم يافتہ دنيوي ترقيءَ طرف مائل
ٿين ٿا ۽ جدوجهد ڪن ٿا پر نہ نيڪيءَ طرف؛
جنهنڪري چؤ ڌاري گڙٻڙ، بي آرامي ۽ جهيڙا فساد
لڳا پيا آهن. قناعت ۽ سادگيءَ جي سانتيڪي ۽
سکي وات ڇڏي ماڻهو دولت ۽ عيش طرف
ڊوڙي رهيا آهن. خود مطلبيءَ ۽ تنگدليءَ سان

پاڻ پريشان ٿي، ٻين کي سٽائي رهيا آهن. اُنجو علاج اخلاقي بهتري، آزاد خياليءَ ۽ ڪشاده دلي آهي.

مٿيون ڳالهيون ڳنڍي هيءُ ڪتاب ڪڍيو ٿو وڃي. هن کان اڳ اخلاقي سبق پاڱو پهريون نڪتو آهي. هيءُ اُن سلسلي جو ٻيو ڪتاب آهي. اُن ۾ ذنل سبقن مان گهڻا شريمان سدرشن جي ڪتاب تان ترجمو ڪيل آهن، جنهن جو احسانمند آهيان.

ميلارام واسواڻي

# اخلاقي سبق

## ڀاڱو ٻيو

### سڀ کان اعليٰ چيز

### ( ١ )

هڪ ڏينهن جڏهن بيربل دربار مان گهر ٿي ويو، تڏهن رستي تي هڪ غريب ڇوڪرو وڻ هيٺان ويٺل ڏٺائين، جنهن ڪٽو ڪٽو ڪري پڳڙا ٿي کاڌا. بيربل عجب ۾ پئجي ڪانئس پڇيو ته "هڪ هڪ داڻو ڪري ڇو ٿو کائين؟ مٺ کن پڳڙا مس اٿيئي، هڪ ٻن ڦڪن سان ڇو نه ٿو ختم ڪرين؟"

ڇوڪرو ته ٿوري گهڙيءَ سانت ۾ رهيو، پوءِ آهستي جواب ڏنائين "وزير صاحب! آءٌ ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهيان. هيءَ مٺ کن پڳڙا مون لاءِ ڪافي نه آهن. هڪ هڪ ڪري ٿو کاڻ ته من ان ريت ڪجهه تسلي ٿئي." بيربل اِها وراڻي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڇوڪر کي پنهنجي گهر وٺي

ويو. اُتي ڇوڪر کي عمدو ڪاڌو مليو ۽ سٺا ڪپڙا پهرڻ لاءِ مليا. هڪ سينگاريل ڪمرو سندس رهڻ لاءِ الڳ ڪيو ويو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڇوڪري جي حالت گهڻو بهتر ٿي ويئي. سندس چهرو ٻهڪڻ لڳو. بدن خوبصورت ٿي پيس. جيڪو ڪيس ڏسندو هو، سو خوش ٿيندو هو.

( ٢ )

چوندا آهن ته اڪبر بادشاهه پنهنجن وزيرن کان بعضي ڏاڍا مشڪل سوال ڪندو هو. هڪ ڏينهن بيربل کي چيائين "بيربل، دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ ڪهڙي چيز آهي؟"

بيربل جواب ڏنو "بادشاهه سلامت! سوال ڏاڍو ڏکيو آهي. جواب ڏيڻ لاءِ هڪ مهني جي مهلت ملي."

بادشاهه مهلت ته ڏني، مگر ساڳئي وقت ائين به چيائين ته جي اُن عرصي ڪانءِ مونکي صحيح جواب نه مليو ته توکي قتل ڪرايو ويندو.

بيربل ڏينهن رات اُداس رهڻ لڳو. هر وقت سوچ ۾ هو ته ڇا ڪريان ۽ ڪٿان معلوم ٿئي ته دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز ڪهڙي آهي. ڪنهن چيس

سونهن، ڪنهن چيو:- دولت، ڪنهن چيو:- تندرستي. مطلب تہ جنهن کي جيڪي آيو، تنهن سو چئي ڏنو. آخر هڪ شخص چيو تہ هي سڀ غلط آهن. دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز اسان جي چال چلت آهي. ڪنهن ٻئي چيو تہ ائين ناهي، حڪومت ئي دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز آهي. هڪ ساڌ وري چيو:- بابا، ڇو ٿا ناحق مٿاڪٽ ڪريو. وڃو وڃي بادشاه کي چئو تہ دنيا ۾ سڀ کان اُتم وستو آهي ايشور ڀڳتي. تنهن تي هڪ شرابيءَ چيو تہ ايشور جي ڀڳتي بہ ڪا چيز آهي؟ دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز آهي دل جي خوشي. مگر بيربل کي انهن مان ڪو بہ جواب پسند ڪين آيو. جئن جئن مهني جا ڏينهن گذرندا ٿي ويا تئن تئن سندس ڳڻتي وڌندي ٿي ويئي ۽ ڪيس پڪ ٿيندي ٿي ويئي تہ موت جو ڏينهن ويجهو اچي رهيو آهي. نيٺ ٢٩ ڏينهن گذري چڪا، باقي هڪ ڏينهن جواب لاءِ وڃي رهيو. بيربل جي اکين مان آنسو ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. ايتري ۾ اُن ڇوڪري اچي ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيو. بيربل چيو ”ٻچا! ڇا ٿو پڇين؟

سياڻي منهنجي خيال ۾ جو ڀوڳيون ڏينهن آهي، انهيءَ ڪري ڀيو رئان."

ڇوڪري پڇيس "مگر ڇو؟ اوهان ڪهڙو گناهه ڪيو آهي؟" بيربل پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌايس. ڇوڪري ڪجهه سوچ ڪري جواب ڏنو ته "بالڪل معمولي سوال آهي. اوهين سياڻي دربار ۾ وڃي بادشاه کي چئجو ته دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز آهي : عقل."

بيربل کي ڇوڪري جي ڳالهه دل سان آئڙي. يقين ٿيس ته جان بچي پيئي. ٻئي ڏينهن دربار ۾ ويو ته سندس دل بهار هئي. بادشاه تخت تي پير رکڻ سان پڇيو "بيربل! ٻڌاءِ. دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز ڪهڙي آهي؟"

بيربل اُٿي بيهي هٿ ٻڌي جواب ڏنو "جهان پناه! دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز آهي عقل."

بادشاه خوش ٿي چيو "بيربل! تو سچ چيو آهي. تحقيق دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز عقل آهي. مگر هينئر ٻڌاءِ ته عقل ڇا کائيندو آهي؟ انهيءَ لاءِ به توکي هڪ مهني جي مهلت ڏني ٿي وڃي ۽ هن دفعي به شرط اهو آهي ته جي جواب

پورو نہ هوندو ته تنهنجو سر اُڏايو ويندو.

( ٣ )

بيربل جو هوش گم ٿي ويو. کيس پڪ ٿي ويئي ته هينئر موت کان بچڻ مشڪل آهي. ڏينهن رات سوچيندو رهيو، مگر ڪو خيال سندس دماغ ۾ ڪونہ آيو. وري بہ عاقلن کان پڇندو رهيو. ڪنهن چيس:- عقل باداميون کائيندو آهي. ڪنهن چيس: گيهہ. ڪنهن چيس: کير. هڪ فيلسوف چيو ته جنهن شيءِ کاڌي جيڪو وڌي، سا ئي تنهن جي خوراڪ چئبي. عقل فيلسوفيءَ سان وڌي ٿو. اُن ڪري چئبو ته عقل فيلسوفي کائيندو آهي. هڪ ملا صاحب چيو ته عقل مار کائيندو آهي. هڪ ٻئي شخص چيو ته عقل جي خوراڪ محبت آهي. هڪ پنڊت چيو ته عقل جي خوراڪ ڪتاب آهن. بيربل هرهڪ جواب کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکي ڏٺو، مگر ڪو بہ سالم ڪين نڪتو. سينئي ۾ ڪوٽ نڪتو. بيربل مايوس ٿي ويو. مهني جو پويون ڏينهن آيو ته پڳل تنل کٽ تي ليٽي پيو. ساري محل ۾ شور مچي ويو. ڇوڪري جي ڪنن تي بہ اها ڳالهہ پيئي. هن اچي بيربل کان پڇيو:

سائين! اوهانجي دکي ڏيڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟
بيربل غمگين آواز ۾ چيو "ٻچا! بادشاه جيڪو ڀهريون سوال ڏنو هو تنهن جو جواب ٻڌائي تو منهنجي جان بچائي هئي، مگر هينئر جيڪو سوال پڇيو اٿس، تنهن جو جواب نهايت ئي اڻانگو آهي، تون به ٻڌائي ڪونه سگهندين."
ڇوڪر پڇيو ته "سوال ڪهڙو آهي؟"
بيربل- هيءُ ته عقل ڪائيندو ڇا آهي ؟
ڇوڪري جواب ڏنو ته "هيءُ سوال ته پهرين کان به وڌيڪ آسان آهي. وچي بادشاه کي چئو ته عقل جي خوراڪ فڪر آهي. فڪر اُهيئي ڪندا آهن جيڪي دانا آهن. جنجي مٿي ۾ دماغ ۽ دماغ ۾ عقل ناهي، اُهي فڪر ڪري ڪونه سگهن؛ نه ڪڏهن فڪر ئي ڪن ۽ نه ڪجهه سوچ ويچار ئي ڪن."
بيربل کي پيٽ ۾ ساه پيو. هيءُ جواب بلڪل درست معلوم ٿيس. ٻئي ڏينهن دربار ۾ ويو ته چهري تي رونق ڇانيل هيس. مقرر وقت تي اڪبر بادشاه تخت تي قدم رکيو ۽ هڪدم پڇيائين "بيربل، منهنجي سوال جو جواب؟" بيربل سرنمائي جواب

ڏنو "جيئندا قبلا! دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ چيز عقل آهي ۽ سندس خوراڪ فڪر آهي." اَڪبر چيو "بيربل! تو بلڪل پورو جواب ڏنو. سچ پچ عقل جي خوراڪ فڪر آهي. مگر هيءُ ته ٻڌاءِ ته عقل پيئندو ڇا آهي؟ وري به توکي هڪ مهني جي مهلت ڏجي ٿي. شرط توکي اڳيئي معلوم آهي."

( ٣ )

بيربل مٿان جڻ ٻجلي ڪري. خيال ڪيائين ته ٻه ڀيرا ته چوڪري منهنجي جان بچائي آهي. مگر هن ڀيري سوال ڏاڍو ڏکيو آهي. اُنجو جواب هوءُ به ڏيئي ڪين سگهندو. ڪيترن ڏينهن تائين غور ڪندو رهيو ته عقل ڇا پيئندو آهي. مگر ڪو تسليءِ جهڙو جواب ڪونه سجهي آيس. وري به دانائن کان پڇيائين. ڪنهن چيس: عقل نصيحتون پيئندو آهي. ڪنهن جواب ڏنو: عقل علم پيئندو آهي، ڪنهن ٻڌايس ته عقل تجويز يا آزمودو پيئندو آهي، مگر بيربل کي ڪو جواب ڪونه آئڙيو. آخرڪار جڏهن مهنو پورو ٿيڻ تي هو تڏهن وري به چوڪري کان پڇيائين "بچا، بادشاه سلامت وري به پڇيو آهي ته عقل پيئندو ڇا

آهي؟ ڇا، تون هي مشڪلات بہ حل ڪري سگهندين؟ سوال بلڪل ڏوڙهو آهي."

ڇوڪري وراڻي ڏني " سائين! ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ اوهين ڳڻتي ڪين ڪريو. رات جو آرام سان ننڊ ڪريو. سڀاڻي جڏهن دربار ۾ تشريف رکو، تڏهن بادشاہ کي جواب ڏجو تہ عقل ڀيٽندو آهي غصو. غصو اُهوئي ڀي سگهندو ۽ پاڻ تي قبضو اُهو رکي سگهندو، جيڪو عقلمند آهي. نادان ماڻهو تہ ٿوري ڳالهہ کي لڙيو پون؛ پنهنجي ۽ پنهنجي عزيزن جي زندگي برباد ڪري ڇڏين ۽ ملڪ جو هاڃو ڪن."

بيربل جواب ٻڌو تہ عقل چرخ ٿي ويس. کيس حيرت لڳي تہ هيءَ ننڍڙڪڙو نہ قابل ۽ سمجهو آهي. سندس نظر ۾ ڇوڪري جي عزت ازحد وڌي ويئي. صبح ٿيندئي دربار ۾ وڃي اهو ٻڌايائين. اڪبر ازحد خوش ٿيو ۽ چيائين "بيربل! سچ پچ تون وڏو عقلمند ۽ داناءُ آهين. منهنجا سوال بلڪل اَڻانگا هوا، مگر اُنجا جواب تو ٺيڪ ڏنا، آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. ليڪن هڪ سوال باقي آهي. اُميد اٿم تہ اُنجو جواب پڻ

برابر ڏيئي سگھندين. اُهو سوال هيءُ آهي تہ عقل جي شڪل ڪھڙي آهي؟ وڃ وڃي مھنو خيال ڪر ۽ اُنجو جواب مونکي اچي ٻڌاءِ. تنھنجي حياتي اُن جواب تي مدار ٿي رکي.

( ٥ )

بيربل سوچيو تہ بچڻ محال آهي. ڇوڪري تمام مشڪل سوالن جا جواب ڏنا آهن، مگر هيءُ سوال تہ حل ٿيڻ کان ٻاهر آهي. عقل جي شڪل ڪھڙي آهي؟ بيربل سوچي سمجھي نہ سگھيو. ڪنھن چيس تہ عقل جي شڪل هڪ حور پريءَ جھڙي آهي، جا هوا ۾ اُڏامندي آهي ۽ ڌرتيءَ جي رهواسين تي رحمت ۽ برڪت جي موتين جي برسات وسائيندي آهي. ڪنھن چيو تہ عقل جي شڪل هڪ ديويءَ جھڙي آهي، جا هڪ هٿ سان ستار وڄائيندي آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ ڪتاب هوندو اٿس ۽ هڪ خوبصورت راڄ-هنس تي سوار ٿي پاڻيءَ تي ترندي آهي. ڪنھن چيو تہ عقل جي شڪل ڏيکارڻي اٿيئي تہ هڪ چاٻيءَ جي تصوير ٺاهي، جا تجوڙيءَ جو لڪل تالو کولي سگھي. ڪنھن شخص چيو تہ اونداهي ڪمري ۾ هڪ ڪمزور

آدمي ڏيکاريو جو پنهنجي مٿي تي هٿ رکي ڪجهہ سوچي رهيو هجي؛ اهائي عقل جي شڪل ٿيندي ڀيو چا؟ ٻئي ڇيو تہ قلم ۽ مس ڪپڙي ڏيکار تہ بادشاھ خوش ٿي ويندو.

سيپيئي جواب وزندار ٿي لڳا، مگر خاطري ڪنهن مان ڪانہ ٿيس. آخر اُن ڇوڪري کي سڏائي چيائين "ٻچا! باقي اهو ٻڌائڻو اٿيئي تہ عقل جي شڪل ڪهڙي آهي." ڇوڪري جواب ڏنو تہ "مهربان سائين! هن سوال جو جواب آءٌ ٻڌائي تہ نہ ٿو سگهان، مگر هان ايترو ڪري سگهان ٿو تہ اوهانجي ٻچاءَ لاءِ دربار ۾ هلان ۽ هاڻي بادشاھ جي سامهون عقل جي شڪل ڪيئي ڏيکاريان. اوهان کان جڏهن هو پڇي تہ ٻڌاءِ تہ عقل جي شڪل ڪهڙي آهي تہ اوهين بيخوف ٿي چئي ڏجوس تہ اُن جو جواب منهنجو هڪ ننڍڙو نوڪر ڏيندو. اُن کي گهرايو وڃي. اُن پڇا ڳا جيڪي ٿيندو تنهن کي آءٌ ڏسي وٺندس."

بيربل ائين ئي ڪيو ۽ دربار ۾ وڃي چيائين "بادشاھ سلامت! اوهانجي آخرين سوال جو جواب منهنجو هڪ ڇوڪرات نوڪر ڏيندو.

حڪم ٿئي ته ڪيس گهرايو وڃي."
بادشاهه ڪنڌ ڌوڻي رضامنديءَ جو اظهار ڪيو. بيربل هڪ آدمي پنهنجي گهر ڏانهن موڪليو.

( ٦ )

ڇوڪرو دربار ۾ شهزادن جهڙي پوشاڪ پهري آيو. هو ڏاڍو سهڻو ٿي لڳو. دربار ۾ حاضر ٿي ادب سان سلام ڪيائين ۽ چپ چاپ بيهي رهيو. اڪبر بادشاهه پڇيو "ڪئن ڇوڪرا، توکي معلوم آهي ته عقل جي شڪل ڪهڙي آهي؟"
ڇوڪري جواب ڏنو "هائو، بادشاهه سلامت!"
"بيان ڪر."
"هڪ عرض آهي."
"ڪهڙو؟"
"هن سوال جو جواب آءٌ ڏيندس ۽ عقل جي شڪل ڏيکاريندس؛ مگر اُن لاءِ ضروري آهي ته هڪ ڪلاڪ لاءِ مونکي بادشاهي ڏني وڃي ۽ سڀني زيردستن کي حڪم ڏنو وڃي ته هو منهنجي هر هڪ حڪم جي تعميل ڪن، جئن اوهانجي حڪمن جي ڪن ٿا."
بادشاهه ڪجهه وقت خيال ڪري جواب ڏنو

"مونکي منظور آهي."

"تڏهن هيٺ لهي اچ، تخت منهنجو آهي."

بادشاهه ائين ئي ڪيو.

ڇوڪرو تخت تي چڙهي ويو ۽ شاهوڪي شان سان وچ مٿي ويٺو. تاج سندس سر تي رکيو ويو. سڀ درٻاري حيرت ۾ پئجي ويا. اوچتو ڇوڪرو جوش ۾ اُٿي بيٺو ۽ پڪارڻ لڳو "جلاد!" ماڻهن جو ساهه سڪي ويو. ترت ئي جلاد حاضر ٿيو ۽ سر جهڪائي حڪم ٻڌڻ لاءِ منتظر رهيو.

ڇوڪري چيو "گرفتار ڪرينس، هيءُ قاتل آهي." ائين چئي هن اڪبر طرف اشارو ڪيو. درٻار ۾ وائويلا مچي ويئي. سپاهين تلوارون چمڪايون. مگر ڇوڪري ڪڙڪي سان چيو "آءٌ بادشاهه آهيان. منهنجي عهدي جو ميعاد هڪ ڪلاڪ آهي. اُنجو شاهد جلال الدين اڪبر پاڻ آهي. ڪلاڪ اڃا پورو ڪين ٿيو آهي. اوهين ڪجهه به ڪري نٿا سگهو."

اڪبر هٿن سان اشارو ڪيو. سڀني تلوارون مياڻن ۾ وڌيون. ڇوڪري چيو "جلاد، تلوار مياڻ مان ٻاهر ڪڍ."

جلاد تلوار ڪڍي.

پوءِ اڪبر طرف نهاري چيائين "اوهين سر جهڪايو".

باد شاه ائين ڪيو.

ڇوڪر چيو "باد شاه سلامت! ڏسي وٺو، عقل جي اهائي شڪل آهي. آءٌ غريب ڇوڪرو آهيان، مگر هينئر تخت تي ويٺو آهيان. اوهين باد شاه آهيو مگر بيوس. عقل هن طرح ادنيٰ کي اعليٰ، ۽ اعليٰ کي ادنيٰ بڻائي ٿو؛ اِهائي عقل جي تصوير آهي."

باد شاه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڇوڪري کي وڏو انعام اِڪرام ڏيئي روانو ڪيائين.

## ٻڍيءَ جو ڏڪو

هڪ ٻڍيءَ مائيءَ هڪ واپاريءَ کي چيو ته جيڪر ڪجهه روپيه واپار ۾ لڳايان. مگر مون کي واپار جو آزمود و بنهه ڪونهي. جي ڪو ن پنهنجي آزمودي مان مونکي ڪجهه فائدو ڏيئي سگهين ته تنهنجي وڏي مهرباني." واپاريءَ جواب ڏنو ته "واپار جو بنيادي اصول هيءُ آهي ته جي ڏنل رقم اصل وڃي ئي نه، ته هرڪنهن ششمائيءَ کان پوءِ ٻيڻي ٿي پوندي آهي." ٻڍيءَ پڇيس ته تنهنجو واپار انهيءَ قسم جو آهي ڪئن؟

واپاريءَ جواب ڏنس: سچ پڇ ته منهنجو نمونو ته اهو آهي. جيڪا رقم اُن ۾ لڳايان ٿو سا هرڪنهن ڇهن مهنن کان پوءِ ٻيڻي ٿيو پوي. اهوئي ته سبب آهي جو ٿوري عرصي ۾ ٿي جڳهون خريد ڪيون اٿم؛ ٻن پٽن جي شادي ڪئي اٿم ۽ بابو جيڪو قرض ڇڏي ويو هو سو به لاٿو اٿم. ٻڍيءَ جي دل ۾ سرڪي ويئي. جهٽ پٽ پنهنجي چادر مان هڪ ٽڪو ڇوڙي واپاريءَ کي هٿ ۾ ڏيئي چيائين ته "منهنجو ٽڪو به پنهنجي واپار ۾ لڳائي ڇڏ. آءٌ جڏهن موٽي آيس، تڏهن حساب ڪري جيڪي

ٿيو، سو توکان وٺنديس." ٻڍيءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي واپاري وائڙو ٿي ويو؛ مگر نرم دل ماڻهو. ٻڍي جي دل کي صدمو پهچائڻ لازم نہ ڄاتائين؛ سو سندس ٽڪو پنهنجي ٻنديءَ ۾ جمع ڪري ڇڏيائين.

( ٢ )

ٻارهن سال گذري ويا. واپاريءَ کان ٻڍيءَ واري ڳالهہ ئي وسري ويئي هئي. اوچتو هڪ ڏينهن ٻڍي سندس دڪان تي چڙهي آئي ۽ کيس چوڻ لڳي تہ "منهنجو حساب صاف ڪر." واپاري حيران ٿي ويو. گهڻو ئي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر ياد ڪين آيس تہ هن ٻڍيءَ جي کهڙي رقم آهي. آخر ٻڍيءَ جڏهن کيس نشان پتا ڏيئي سڄي ڳالهہ ياد ڏياري، تڏهن واپاريءَ چيو تہ بيشڪ مون تنهنجو ٽڪو ڪارخاني ۾ لڳايو آهي. مون توسان اقرار ڪيو هو تہ تنهنجو ٽڪو ششماهيءَ کانپوءِ ٻيڻو ٿيندو ويندو. ٻڍي ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين "چڱو ڀائي! هنئر منهنجو حساب صاف ڪر. عمر گهڻي گذري ويئي آهي. نہ ڄاڻا ڪڏهن موت اچي. متان منهنجي سڄي رقم ئي گم ٿي وڃي." واپاريءَ ٻہ روپيہ ڪڍي کيس ڏنا ۽ چيائينس

وٽ هيءَ آهي تنهنجي رقم. مگر ٻڍيءَ وٺي شور مچايو.
چي: ”ڀائي، ڪجهه ڀڳوان جو ڀؤ ڪر. ڇو ظلم ٿي
ڪٽي سنڌرو ٻڌو اٿيئي، جو مون غريب زال جا
روپيه ڦٻائڻ ٿو چاهين؟“ گوڙ ٿي آسپاس جا دوڪاندار
اچي ڪٺا ٿيا ۽ پڇڻ لڳا: ڇو ڪهڙي ڳالهه آهي؟
ٻڍيءَ ڀيرائتي ڳالهه ڪري کين ٻڌائي ۽ چوڻ لڳي ته
هنئرهيءَ واپاري منهنجو حساب نه ٿو ڪري. مونکي
فقط ٻه روپيه ڏيئي ٽاري ٿو ڪڍي. مگر منهنجو پائي
پائيءَ جو حساب ٿيڻ کپي. جيڪي منهنجو وٽس ٿئي
مونکي ڏنو وڃي. هڪ دوڪاندار ان واپاريءَ کي
چيو: ٻڍي ته ٺيڪ ٿي چوي. تون حساب ڇو نه ٿو ڪري
ڏينس؟ هن وراڻي ڏني ته تون ئي مس قلم کڻي حساب
ڪر. ٻارهن سالن جون ٿيون ٢٤ ششماهيون. انهيءَ
حساب سان سندس ٽڪو ٢٤ دفعا ٻيڻو ٿيندو
ويندو.“ ٻڍيءَ چيو ”تنهنجا ٻچا جيئن. مان به
اُئين ٿي چوان. بس ويهي حساب ڪريو.“

( ٣ )

حساب ٿيڻ لڳو. ٻڍيءَ جو ٽڪو ٢٤ ششماهين
بعد اجهو هئن ٿي وڌيو:-

| | | |
|---|---|---|
| پهرين ششماهي | ٻي ششماهي | ٽين ششماهي |
| هڪ آنو | ٻه آنا | چار آنا |
| چوٿين ششماهيءَ | پنجين ششماهيءَ | ڇهين ششماهيءَ |
| اٺ آنا | هڪ روپيو | ٻه روپيا |
| ستين ششماهيءَ | اٺين ششماهيءَ | نائين ششماهيءَ |
| ٤ روپيا | ٨ روپيا | ١٦ روپيا |
| ڏهين ششماهيءَ | يارهين ششماهيءَ | ٻارهين ششماهيءَ |
| ٣٢ روپيا | ٦٤ روپيا | ١٢٨ روپيا |
| تيرهين ششماهيءَ | چوڏهين ششماهيءَ | پندرهين ششماهيءَ |
| ٢٥٦ روپيا | ٥١٢ روپيا | ١٠٢٤ روپيا |
| سورهين ششماهيءَ | سترهين ششماهيءَ | ارهين ششماهيءَ |
| ٢٠٤٨ روپيا | ٤٠٩٦ روپيا | ٨١٩٢ روپيا |
| اڻويهين ششماهيءَ | ويهين ششماهيءَ | ايڪيهين ششماهيءَ |
| ١٦٣٨٤ | ٣٢٧٦٨ | ٦٥٥٣٦ |
| ٻاويهين ششماهيءَ | ٽيويهين ششماهيءَ | چوويهين ششماهيءَ |
| ١٣١٠٧٢ | ٢٦٢١٤٤ | ٥٢٤٢٨٨ |

ٻڌيءَ کي هڪ ٽڪي جي بدلي پنج لک چوويه هزار ٻه سؤ اٺاسي روپيا مليا، واپاريءَ جو ڪچو مر به نڪري ويو.

## سچائـــي

ٿورا سال ٿيا ته لاهور جي هڪ محلي ۾ هڪ غريب مسلمان بيوه عورت رهندي هئي. محنت مزوري ڪري پنهنجو پنهنجي نوجوان پٽ حميد جو پيٽ پاليندي هئي. حميد بلڪل سمجهو ۽ ذهين ڇوڪرو هو. ساري پاڙي جا ماڻهو اُن عورت کي چوندا هئا ته خدا ڪندو ته ٿـورن ئي ڏينهن ۾ تنهنجو پٽ پڙهي لکي ڪنهن چڱيءَ نوڪريءَ ۾ لڳي ويندو.

مگر اڃا حميد مئٽرڪ امتحان ئي پاس نه ڪيو هو ته سندس ڀـڄي ماءُ بيمار ٿـي پيئي. فرمانبردار پٽ پنهنجي طرفان هر ڪا ڪوشش ڪئي، مگر تقدير اڳيان تدبير ڪين هلي. مائيءَ جو پوئين وقت نظر آيو. هيءُ ڏسي حميد دل ڦاڙي اچي روئڻ ۾ چتڪيو. ماڻس چيس "ٻچا، روئڻ اجايو آهي. ان مان ڇا ورڻي ڇا سري. دل ڏاڍي ڪر. ٻوڙها اُٿي چڙ. آءٌ جيڪا نصيحت توکي هن سڪرات ويلي ڪريان، تنهنتي عمل ڪرڻ

جو انجام ڪر.“

حميد ڳوڙها روڪيا ۽ چيائين ته ”توُن منهنجي ماءُ آهين. آءٌ تنهنجي نصيحت جي لفظ لفظ جي پيروي ڪندس. دنيا ته سندي ته حميد جيڪو انجام مرڻينگه ماءُسان ڪيو هو سو آخر تائين پاڙيائين.“

ماڻس چيو ته ”منهنجي نصيحت هيءَ اٿيئي:- سچائي وڏي چيز آهي. ڀلي ڀلائي به ان کي نه ڇڏج. دنيا ۾ آپدائون پيئون اچن ۽ وڃن. انسان وري سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو. مگر جو انسان هڪ دفعو به امانت ۾ خيانت ڪندو آهي سو پاڻ کي اهڙو هاڃو رسائيندو آهي، جو ان جي ڪلافي ٿيڻ ناممڪن آهي.“

حميد جواب ڏنو ”اما! آءٌ سچيءَ دل سان اقرار ٿو ڪريان ته تنهنجي نصيحت تي هميشه ۽ هرحال ۾ هلندس.“

ٻئي ڏينهن ماڻس هن فاني دنيا کي خاطري ٿي. هڪ ٻگهو ساهه کنيائين، گويا سندس ڇاتيءَ تان هڪ ڀاري بوجو لهي ويو. هڪ ڏينهن کان پوءِ چالاڻو ڪيائين. هنئير حميد دنيا ۾ يتيم ٿي پيو. خدا کانسواءِ سندس مدد وارو ڪوبه ڪونه هو. مگر ڏٺي دنيا جون ڏيا لهيون ڪٽي ته

ڪنهن جي پنڌيان ڪونہ ڀرندو آهي. هو فقط انهن جي مدد ڪندو آهي. جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪندا آهن ” همت مردان مدد خدا!“

( ٢ )

حميد پڙهڻ ڇڏي ڏنو. نوڪريءَ جي تلاش ڪرڻ لڳو. مگر نوڪري ملڻ مشڪل هئي. سندس ماءُ ڪي مٿي پہ مهنا گذري چڪا هئا. جي چار ڏوڪڙ ڇڏي ويئي هئي، سي بہ خرچ ٿي ويا. هنئر حميد ڏاڍو غمگين گذارڻ لڳو. سوچڻ لڳو تہ ڇا ڪريان؟ ڪئن گذارو ٿيندو.؟

ٿڪل هو. مايوس هو. سندس بدن ۾ سگهہ خير ڪا هئي، مگر اميد سندس ساٿ ڪونہ ڇڏيو. در در ڀٽڪي رهيو هو تہ ڪنهن شخص کيس چيو ”ميان! نواب مظفر بيگہ کي هڪ هوشيار، محنتي ۽ ايماندار منشيءَ جي ضرورت آهي. اوڏانهن هليو وڃ. شايد تنهنجو ڪم ٿي پوي. نواب صاحب هن شهر جو هڪ وڏو رئيس آهي. سندس ڪارخاني ۾ سوين آدمي ڪم ڪن ٿا.“

حميد اتي پهچي ڏٺو تہ ڪيترا اميدوار بيٺا آهن. سندس دل سست ٿيڻ لڳي. مگر وري ويچار ڪيائين تہ ڇو دل لاهيان. ڪوشش تہ

ڪريان، جيڪي ٿيندو سو ڏٺو ويندو.

ايتري ۾ نوڪر هڪ اميدوار کي نواب صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو. نواب صاحب کي ڪو آدمي پسند ڪونہ آيو. آخر حميد کي سڏ ٿيو، جو نواب صاحب کي ادب سان سلام ڪري بيهي رهيو.

نواب صاحب ڪانئس پڇيو "ڇا تون منهنجو ڪم منهنجي مرضيءَ موافق ڪري سگهندين؟"

"جيءَ جناب! ضرور ڪري سگهندس. اوهان کي محنتي ۽ ايماندار آدميءَ جي کهرج آهي. آءٌ اوهانجون سڀيئي اميدون پوريون ڪري سگهندس."

نواب صاحب حميد کي پيرن کان وٺي مٿي تائين ٽپاسيو. هڪ ئي نگاه سان سمجهي ويو تہ هن ڇوڪري جي حالت مسڪين آهي. پوءِ چيائينس "مگر مون کي ايماندار آدمي کپي."

"آءٌ ايماندار آهيان."

"بلڪل چڱو. هن وقت کان وٺي تون منهنجو منشي آهين. آءٌ توکي چاليهہ روپيہ درماه پگهار ڏيندس."

حميد جو چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳو. سر

نمائي جواب ڏنائين "اوهانجو عين احسان!"

"چڱو وڃ. وڃي دفتر ۾ ڪم ڪر."

( ٣ )

گهڙي کن کان پوءِ نواب صاحب حميد کي پاڻ وٽ گهرايو. کيس ڪجهہ ڪاغذ ڏيئي چيائين تہ هيءَ مزورن جي فهرست اٿيئي. جن ۾ مزورن کي ڏنل قرض درج ٿيل آهي. مگر مزور سڀ اڻ پڙهيل آهن. کين نہ ڪي ڪجهہ ياد آهي نہ ڪي حساب رکي ڄاڻن تہ انهن ڏانهن منهنجا ڪيترا رپيہ آهن. هيءَ فهرست ٻئي ڪاغذ تي نقل ڪر ۽ هر هڪ رقم کي ڪجهہ قدر وڌائيندو وڃ. ڏهن جي جاءِ تي يارهن ۽ چئن جي جاءِ تي سوا چار لکي ڇڏ. فهرست مونکي تمام جلد کپي.

حميد جي ڪنن ۾ سندس ماءُ جا پويان لفظ وڄڻ لڳا. ٿوري هٻڪڻ هٿڪڻ کانپوءِ چيائين: "مگر اوهانکي تہ ايماندار آدمي کپندو هو ۽ هيءُ تہ اوهين بي ايمانيءَ جي فهرست تيار ڪرائڻ ٿا چاهيو. مونکان اهو گناهہ ڪين ٿيندو."

"تہ بس نوڪري ڇڏي وڃ، مونکي اهڙي ماڻهوءَ جي گهرج ڪانهي، جو منهنجي حڪم جي

ٻجاوري نہ ڪري.“

”۽ مونکي بہ اهڙي نوڪري ڪانہ کپي، جنهن ۾ بي ايماني ڪرڻي پوي.“ ائين چئي فهرست نواب صاحب جي ميز تي ڪٽي رکيائين. پاڻ ٻاهر نڪري ويو.

”نواب صاحب کيس وري گهرائي چيو ”ڏس، ويچار ڪر. اُٻهرو نہ ٿيءُ. تون غريب آهين. اهڙو موقعو موٽي هٿ ڪونہ ايندءِ.“

حميد وراڻي ڏني ”پل نہ اچي؛ مگر مونکان بي ايماني هرگز ڪين ٿيندي.“

”تڏهن ڇا ڪندين؟“

”ٻي نوڪري لاءِ ڳولا ڪندس.“

”۽ جي نہ مليئي تہ وري موٽي ايندين؟“

”هرگز نہ. مرندو مري ويندس، پر هيڏانهن نہ ايندس.“

نواب صاحب چيس تہ ”تون سخت غلطي ٿو ڪرين.“

”نہ سائين، هيءَ غلطي ناهي. مون پنهنجي ماءُ سان جيڪو انجام ڪيو هو تہ ايماندار ٿي رهندس سو پورو ڪندس، چاهي نوڪري ملي

يا نہ ملي."

ائين چئي بي پرواهيءَ سان ٻاهر هليو ويو. نواب صاحب پنهنجي هڪ نوڪر کي چيو تہ "وڃ، وڃي ڏسي اچ تہ سندس مڪان ڪٿي آهي ۽ هو هينئر ڪيڏانهن ٿو وڃي."

( ۴ )

ٻہ ڏينهن گذريا. حميد سخت ڪوشش ڪئي تہ ڪٿي نوڪري ملي وڃي، مگر ڪامياب ڪين ٿيو. ٿڪجي گهر موٽي آيو ۽ کٽ تي ليٽي روئڻ لڳو. ٻن ڏينهن کان ويچاري کي روٽيءَ ٽڪر بہ نصيب نہ ٿيو هو.

ايتري ۾ ڪنهن دروازي تي کڙڪو ڪيو. حميد اُٿيو، وڃي دروازو کوليائين. ڏٺائين تہ سامهون نواب مظفر بيگ بيٺو آهي. کيس ادب سان سلام ڪيائين. نواب صاحب چيس: مونکي خبر آهي تہ توکي ڪٿي بہ نوڪري ڪانہ ملي آهي ۽ تون ٻن ڏينهن کان بکايل آهين. هينئر ٻڌاءِ تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟

"ساڳيو ارادو جيڪو شروع ۾ هو."

"يعني اڃا بہ منهنجي نوڪري نہ ڪندين؟"

حميد اِستقلال سان جواب ڏنو "هرگز نہ
ڪندس. مونکان بي ايمانيءَ ڪين ٿيندي."
"ڇوڪرا توکي ضد ڇڏڻو پوندو، نہ تہ بکَ
۾ پاهہ ٿي ويندين."

"ڪهڙو فڪر آهي، مگر ايمانداري ڪين
ڇڏيندس."

ائين چئي اُٿي بيٺو. مگر ٻن ڏينهن جي
بکَ سندس بدن جي ساري طاقت چوُسي ورتي
هئي. اَکين اَڳيان اَنڌارو ڇانئجي ويس ۽ بيهوش
ٿي زمين تي ڪري پيو.

نواب دل ۾ چيو "ڪهڙو نہ نيڪدل نينگر
آهي. بکَ ۾ مرڻ پسند اٿس؛ مگر ايمان ڇڏڻ
منظور نہ اٿس. ضرور ڪنهن ڏينهن نالو ڪڍندو."

اِهو خيال ڪندي يڪدم گهڙي مان پاڻي
پري حميد جي منهن تي ڇڻڪيائين. حميد هوش
۾ آيو تہ نواب صاحب کيس چيو "پيارا حميد،
اُٿ. آءٌ تنهنجي ايمانداريءَ جي پرک وٺي رهيو
هوس. تو ڪافي ثبوت ڏنو تہ تون نهايت ايماندار
آهين. هنئر توتي هرحالت ۾ اعتبار ڪري سگهندس.
تنهنجو پگهار سٺ روپيہ ماهوار ٿيندو."

حميد جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. حيرت ۾ اکيون ڦاڙي نواب صاحب ڏانهن نهارڻ لڳو. شايدخيال هوس تہ هيءُ سڀ خواب آهي،حقيقت نہ آهي.

هن ڳالهہ کي ڪيترا ورهيہ گذري چڪا آهن. اڄڪالهہ بہ حميد اُن دفتر ۾ ڪم ڪندو آهي ليڪن اڄ هو معمولي منشي نہ آهي. نواب صاحب جي سڄي ڪارخانہ جو عام مختيارآهي. سندس پگهار سٺ روپيہ نہ، پر ڇهہ سو روپيہ ماهوار آهي. هڪ عاليشان بنگلي ۾ رهندو آهي، وٽس ڪيترا نوڪر آهن، ليڪن ايمانداريءَ ۾ اڄ بہ اهڙوئي صاف ۽ پختو آهي جهڙو ان ڏينهن هو، جڏهن نوڪريءَ لاءِ ڦري رهيو هو ۽ مانيءَ ٽڪر لاءِ محتاج هو.

## يڌشٽر جو پهريون سبق

ڪورؤ ۽ پانڊو جڏهن پڙهڻ لائق ٿيا، تڏهن راجا ڌرتراشٽر کين مهراج درونآچاريه جي حوالي ڪري ڇڏيو. درونآچاريه اُن زماني ۾ نهايت مشهور ودوان برهمڻ هو. سندس وديا ٿي ما ٿهو ريسون ڪندا هئا. نه فقط پڙهڻ پڙهائڻ جي وديا ۾ پربين هو، پر جنگ جي فن ۾ به ماهر هو.

درونآچاريه پهريون پهريون سبق راجڪمارن کي هيءُ ڏنو: "سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو." ٻين راجڪمارن اِهو سبق تمام جلد ياد ڪيو ۽ پوءِ وچي کيڏڻ ڪڏڻ لڳا. پر يڌشٽر، جو سڀ کان وڏو هو، سارو ڏينهن اِهائي ٽڪ ياد ڪندو رهيو. جڏهن رات ٿي تڏهن به اِنهيءَ خيال ۾ پريشان رهيو. دريوڌن کيس ڏسي نفرت وچون منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيو ۽ چوڻ لڳو ته يڌشٽر موڳو آهي. پر يڌشٽر ڪا پرواهه نه ڪئي. ساري رات جاڳي پنهنجو سبق ياد ڪندو رهيو "سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو. سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو."

ٻئي ڏينهن جڏهن سبق ٻڌائڻ جو وقت ٿيو، تڏهن درونآچاريه پڇيو ته جن جو ڪالهوڪو سبق

ياد آهي سي پنهنجو هٿ مٿي کڻن. اهو ٻڌنديئي ٻين سڀني وديارٿين هٿ مٿي ڪيا، مگر يڌشٽر ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو رهيو؛ هٿ مٿي ڪين ڪنيائين. درونا چاريہ چيو تہ اڄ وڌيڪ سبق ڪونہ ڏنو ويندو. وري سڀاڻي. پوءِ يڌشٽر کي چيائين "ڏس، سڀاڻي تائين توکي سبق ياد ڪرڻ کپي." ائين چئي راجڪمارن کي موڪل ڏنائين. هو وڃي ٽيڻنگہ ٽپا ڏيڻ لڳا، مگر يڌشٽر ڪمري ۾ ڦيرا پائڻ لڳو ۽ بار بار اها لڪ ياد ڪندو رهيو "سچ ڳالهايو، ڪروڌ نہ ڪريو. سچ ڳالهايو، ڪروڌ نہ ڪريو."

ٻئين ڏينهن وري سبق جو وقت آيو. گروءَ يڌشٽر کان پڇيو "ڪئن يڌشٽر، اڄ سبق ياد ڪيءِ يا نہ؟" يڌشٽر نمرتا سان وراڻي ڏني "مهراج، اڃا نہ ياد ڪونہ ٿيو آهي." "هيءُ ٻڌي سندس پائرروات کي رومال ڏيئي ڪلڻ لڳا. درونا چاريہ کي سخت ڪاوڙ آئي، چاڪاڻ تہ اُن ڏينهن بہ وڌيڪ سبق ڏيئي نہ سگهيو ۽ سڀني کي موڪل ڏيئي ڇڏيائين.

چوٿين ڏينهن، پنجين ڏينهن ۽ ڇهين ڏينهن بہ اهوئي حال رهيو. دروناچاريہ هر روز پڇندو رهيو "ڪئن يڌشٽر، توکي سبق ياد ٿيو يا نہ؟" مگر

يڌشٽر سيس نوائي جواب ڏيندو رهيو "سائين، اڃا ٿاءِ ياد ڪونہ ٿيو آهي." آخر ستين ڏينهن دروڻاچاريہ کي سخت ڪروڌ آيو ۽ چماٽون هڻي يڌشٽر جا ڳل ئي لال ڪري ڇڏيائين. يڌشٽر مار کائي صبر ۾ رهيو. مگر دريوڌن اُن تي حيران ٿي ويو. جي ڪيس اهڙي مار ملي ها تہ گروءَ جي سامهون اُٿي ڪڙو ٿئي ها ۽ سندس بي عزتي ڪندي بہ ڪين گسي ها.

اِنين ڏينهن بہ يڌشٽر ساڳيو جواب ڏنو. لاچار دروڻاچاريہ ٻين ڪمارن کي اڳتي سبق ڏيڻ شروع ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو مهني ڪان پوءِ يڌشٽر جي پاڙن آڌ ڪتاب پورو ڪري ڇڏيو، مگر يڌشٽر ٻهرين سبق لي ئي پيو رهيو "سچ ڳالهايو، ڪروڌ نہ ڪريو."

(۲۰)

هڪ ڏينهن ڀيشم پتامه پاٺشالا ۾ آيو. سيني راجڪمارن کان سبق پڇيائين. ڪمارن فرفر ڪري سبق ٻڌايا. ڀيشم پتامہ ڏاڍو پرسن ٿيو. مگر جڏهن يڌشٽر جو وارو آيو تڏهن دروڻاچاريہ چوڻ لڳو تہ "هيءَ تمام نڪمو چوڪرو آهي. سارو

مهنو گذري ويو آهي پراڻا ڀهرين ٽڪرا ياد نہ ڪئي اٿس. آءٌ تعجب ۾ آهيان تہ اهڙو موڳو ڇاجو ڪم ڪئن سنڀاليندو." ان تي ڀيشم پتامه چيس"ڇو يڌشٽر، پنهنجو سبق ياد نٿو ڪرين؟ ٻچا وديا وڏي نعمت آهي. ان ڪانسواءِ انسان ڪي عقل نہ ٿو اچي ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جو وقت هيءُ ئِي آهي. وڏو ٿي ويندين تہ پڙهڻ جو وقت ڪو نہ ملندءِ. پوءِ پيو هٿ هڻندين. مگر پوءِ پڇتائڻ مان ڪي ڪين ورندو."

يڌشٽر ڪنڌ نوائي بيٺو رهيو. ڀيشم پتامہ وري چيس تہ هيڏانهن اچ، منهنجي پرسان ٻيهي ٻڌاءِ تہ جڏهن تنهنجي ڀائرن اڌ ڪتاب پورو ڪيو آهي، تڏهن ڪهڙو ڪارڻ آهي، جو تو اڃا ڀهرين سبق بہ ياد نہ ڪيو آهي؟"

يڌشٽر جواب ڏنو "بابا! سبق جو هڪ حصو "ڪروڌ نہ ڪريو" مونکي ياد ٿي ويو آهي. گورو جيءَ کان پڇي ڏسو. تنهن ڏينهن جڏهن منهنجي منهن تي چماٽون لڳايون هئائين، تڏهن مون ذرو بہ ڪروڌ نہ ڪيو هو. مگر سبق جو ڀهريون حصو "سچ ڳالهايو" مونکي اڃا پورو ياد ڪو نہ ٿيو

آهي. ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي ٿو وهان. جيستائين ڪوڙ جو ويچار دور نہ ٿيو آهي، تيستائين آءٌ ڪئن چوان تہ مونکي سبق ياد ٿيو آهي، خاص ڪري اُن حالت ۾ جڏهن منهنجو سبق ئي آهي:- "سچ ڳالهايو، ڪروڌ نہ ڪريو. پاءُ د ريوڌن ۽ پاءُ ڀيم کي بہ هيءُ سبق اچا تاءِ ياد ڪونهي. اُنهن ڪوڙ ڳالهايو آهي. منهنجو ڏوہ فقط اهو آهي جو مون ڪوڙ نہ ڳالهايو ۽ صاف صاف ٻاسيو اٿم تہ مونکي پنهنجي زبان ۽ خيال تي قبضو حاصل ڪونہ ٿيو آهي." جواب ٻڌڻ سان ئي گرو د روڻاچاريہ ۽ ڀيشم پتامهہ جون اکيون کلي ويون. سمجهي ويا تہ يڌشٽر ڪو رواجي ڇوڪرو ڪونهي. ان ڪانپوءِ د روڻاچاريہ ڪڏهن يڌشٽر کي ڇڪي چڙب بہ نہ ڏني. اُتلندو هميشہ چوندو هو تہ يدشٽر وڏين اُميدن پريو نيڪگر آهي. جيڪي پڙهي ٿو، تنهن موجب هلت ڪريٿو. هيءُ منهنجو نالو روشن ڪندو.

جن بہ هندن جو مشهور ڪتاب مهاڀارت پڙهيو هوندو، تن کي خبر هوندي تہ يدشٽر سچہ پچہ د روڻاچاريہ جون اُميدون پوريون ڪيون. ساري عمر ۾ ڪڏهن بہ ڪوڙ ڪين ڳالهايائين، نہ ڪي ڪروڌ ڪيائين.

## نادان دوست

رتن جي گهر طاق تي جهرڪيءَ آنا ڏنا هوا. رتن ۽ ڀيڻس سيتا ڏاڍي خيال سان جهرڪ ۽ جهرڪيءَ کي ايندي ويندي ڏسندا رهندا هوا.

صبح جو سوير ئي ننڊ مان جاڳي اکيون مهٽيندا ٻئي ڀاءُ ڀيڻ طاق جي سامهون اچي بيهندا هوا ۽ جهرڪيءَ کي ويندي ڏسي کين ڏاڍو مزو ايندو هو، اهڙو مزو جو ٽول به وسري ويندو هون. هنن جي دل ۾ طرح طرح جا سوال پيدا ٿيندا هئا:

آنا ڪيڏا هوندا؟

ڪهڙي رنگ جا هوندا؟

ڇا کائيندا هوندا؟

انهن مان ٻچا ڪئن نڪرندا؟

ٻچن کي پر ڪئن نڪرندا؟

آکيرو ڪهڙو آهي؟

مگر انهن سوالن جو جواب ڏيڻ وارو ڪو به ڪونه هو.

سندن ماءُ کي گهر جي ڪم ڪاج کان واندڪائي ڪانه هئي ۽ پيءُ پنهنجي لکپڙه جي ڪم ۾ ئي پورو هو.

ڀاءُ ڀيڻ ۾ ئي سوال جواب ڪري پنهنجي دل کي آٿت ڏيندا هوا. سيتا چوندي هئي :- ڪئن رتن، ٻچا آتن مان نڪري ڦرڦر ڪري اڏامي ويندا نہ ؟

رتن ڏاڍي غرور سان جواب ۾ چوندو هو :- نہ ڙي چري! ڀهرين پر نڪرندا. پرن ڪان سواءِ ويچارا ڪئن اُڏامندا ؟

سيتا - ڀلا! ٻچن کي ويچاري جهرڪي ڇا کارائيندي ؟

رتن انهي ڏکئي سوال جو ڪوبہ جواب ڏئي ڪين سگهيو.

اهڙي طرح ٽي چار ڏينهن گذري ويا.

ٻنهي ٻارن کي انهيءَ احوال معلوم ڪرڻ جي اُڻ تڻ ويئي ٿي وڌندي. آتن کي ڏسڻ لاءِ هو ڏاڍا بي تاب ٿي ويندا. هنن خيال ڪيو تہ هاڻي ضرور ٻچا نڪتا هوندا. ٻچن جي کاڌي پيتي جي سوال تي ويچار ڪرڻ لڳا.

ويچاري جهرڪي ايترا داڻا ڪٿان آڻيندي جو سيني ٻچن جو پيٽ ڀرجي. غريب ٻچا نيٺ بکہ وگهي چوُن ڪري مري ويندا. ٻچن

جي انهيءَ مصيبت جو خيال ڪري ٻئي ڄڻا ڏاڍو گهٻرائجي ويا ۽ فيصلو ڪيائون ته طاق تي اُن ۽ پاڻي رکيو وڃي.

سيتا خوشيءَ وچان چوڻ لڳي:- ”پوءِ ته جهرڪيءَ کي داڻن لاءِ ڪيڏانهن به اڏامي وڃڻو ڪين پوندو نه؟“

رتن- ”نه. پوءِ وري ڇو ويندي؟“

سيتا- ”ڪيئن رتن! ٻچن کي اُس نه ڪين لڳندي هوندي؟“

ٻچن جي اها تڪليف رتن جي ڌيان ۾ ڪين آئي هئي. سيتا جو سوال ٻڌي چيائين:- ”ضرور، ويچارا اُس جا ماريا پيا ڦٿڪندا هوندا.“

آخر اهو فيصلو ٿيو ته آکيري جي مٿان ڪپڙي جي ڇت ٺاهڻ گهرجي. پاڻيءَ جي پيالي ۽ ٿورن چانورن جي رکڻ جي رٿ ته اڳيئي منظور ٿي چڪي هئي. ٻئي ٻار ڏاڍي سرجوشيءَ سان ڪم کي جنبي ويا. سيتا ماءُ کان لڪائي رڌڻي مان چانور ڪڍي آئي ۽ رتن نيل واري پيالي جو ڪيل هاري، اُنکي خوب ماڃي ڌوئي صاف ڪري، اُن ۾ پاڻي وڌو.

هاڻي باقي جانورن جي واسطي ڪپڙو ڪٿان اچي؛ ۽ وري اهو تنگ به ڪيئن؟ رتن انهيءَ تي ڪجهه وقت ويچار ڪيو. نيٺ پيڻ کي چوڻ لڳو:- ڀرواري نوڪري ڪٺي اچ. مگر اميءَ کي متان ڏيکاريس.

سيتا- مگر اُها ته وڇان ڪٿي پيئي آهي.

رتن- پرواه نه ڪر. اُنهيءَ کي بند ڪري ڇڏيو.

سيتا ٻوڙي نوڪري ڪٺي آئي.

رتن اُنجي تنگ ۾ ڪاغذ وجهي بند ڪري ڇڏيو ۽ نوڪريءَ کي لڪڻ جي آڌار تي جهلي پيڻ کي چوڻ لڳو:

”ڏس، ڇٽي ناهي ڇڏيم نه! هاڻ اُس ڪٿان ايندي؟“

سيتا ڀاءُ جي سياڻپ دل ئي دل ۾ مڃڻ لڳي.“

( ۲ )

گرميءَ جا ڏينهن هوا. سندن پيءُ نوڪري تي ويل هو ۽ ماءُ ٻنهي ٻارن کي سمهاري پاڻ به سمهي پئي. مگر ٻارن جي اکين ۾ اچ ننڊ ڪٿي! ماءُ کي پنيائڻ ڪاڻ ٻئي اکيون ٻوري، ساهه گهٽي

موقعي جو انتظار ڪري رهيا هوا. جيئن ئي ڏنائون تہ اميءَ کي ننڊ ڪٽي ويئي، تيئن ئي چپ چاپ ۾ اُٿيا ۽ پير پير ۾ پائي آهستگيءَ سان دروازي جو ڪڙو لاهي ٻاهر نڪري آيا. هاڻي آئن جي سنڀال جي تياري ٿيڻ لڳي.

رتن ڪمري مان اسٽول ڪڍي آيو. جڏهن اُنهيءَ مان ڪم نہ نڪتو تہ سنان جي صندلي ڪڍي اسٽول جي هيٺان رکيائين ۽ ٻڄندو ٻڄندو اِسٽول تي چڙهيو.

سيتا ٻنهي هٿن سان اِسٽول کي جهليو بيٺي هئي. اِسٽول جون چارئي ٽنگون برابر رکيل نہ هيون، تنهنڪري جنهن بہ پاسي تي وڌيڪ بار ٿي پيو تنهن پاسي اِسٽول لڏي ٿي ويو. اُن ڪري رتن کي جيڪا تڪليف سهڻي ٿي پيئي سا سندس دل کي خبر. ٻنهي هٿن سان طاق کي جهلي ڏبيل زبان سان سيتا کي ڌمڪيون ٿي ڏنائين. "سوگهو ڪري جهل، نہ تہ هيٺ لهي ماريندوسانءَ"

مگر ويچاري سيتا جي دل تہ مٿي طاق تي هئي. هرهر سندس ڌيان مٿي ڇڪجي ٿي ويو ۽ هيٺ پلاٿي ٿي پيس.

رتن جيئن ئي تختي تي هٿ رکيو، ليئن ئي ٻئي پکي - جهرڪ ۽ جهرڪي اُڏامي ويا.
رتن ڏٺو تہ تختي تي ٿورا ڪڻ پيل آهن ۽ اُنهن تي ٽي آنا رکيل آهن. جهڙا آکيرا هن وڻن تي ڏٺا هوا تهڙو آکيرو ڪونہ هو:
سيتا هيٺان پڇيس :- "ٻچا آهن رتن ؟"
رتن- ٽي آنا آهن. اجا ٻچا ڪين نڪتا آهن.
سيتا- رتن! مونکي بہ ڏيکار، ڏسان تہ ڪيڏا وڏا آهن ؟
رتن- ڏيکاريان‌ٿو- پهرين ڪو ڪپڙو کڻي اچ تہ وچايان. آنا ڪڻن تي پيا آهن.
سيتا ڊوڙي وڃي پنهنجي پراڻي ساڙهي کڻي آئي. رتن جهڪي ڪپڙو ورتس ۽ اُنجا تهہ ڪري هڪ گدي ٺاهيائين، اُها ڪڻن جي مٿان رکي، ٽيئي آنا آهستي اُنجي مٿان رکيائين.
سيتا وري بہ چيس:- مونکي تہ ڏيکار؟
رتن- ڏيکاريان‌ٿو، پهريائين ٽوڪري تہ کڻي ڏينم تہ مٿان ڇانوَ تہ ڪريان.
سيتا ٽوڪري کڻي ڏنس ۽ چيائينس:- " هاڻ

توهان هيٺ لهي اچ مان ٻه ته ڏسان."

رتن ٽوڪري لڪڻ جي ٽيڪ سان ٻهاري چيو:- "وچ ۾ آن جا داڻا ۽ پاڻيءَ جي پيالي ڪڍي اچ ته اڳو پوءِ اُها ٻه رکي پوءِ لهان ۽ وري توهان چڙهي ڏسج."

سيتا پيالي ۽ چانور ٻه ڪڍي ڏنس.

رتن ٻئي شيون ٽوڪري جي هيٺان رکيون ۽ پاڻ لهي آيو.

سيتا منٿ ڪري چيس:- رتن! هاڻ مونکي چاڙهه.

رتن- توهان ڪري پونديندين.

سيتا- ڪين ڪرنديس. توهان هيٺان سوگهو جهلجانءِ.

رتن- نه ڀيڻ، ڪري پوين ته پوءِ امي هڏ ڳڏ ٻه پچي رکيم. ڀيو توهان چڙهي ڇا ڪنديندين؟ هاڻ آنا ڏاڍي آرام ۾ آهن. جڏهن ٻچا نڪرن ته پوءِ ڪڍي ڏسج.

ٻئي ٻکي هرهر تختي وٽ آيا ٿي ۽ سواءِ وهڻ جي وري اُڏامي ٿي ويا. رتن سمجهو تہ اسانجي ٻڌپ کان ننڍا وهن سو اِسٽول ڪڍي اندر

رکي آيو. صندلي به کڻي پنهنجي جاءِ تي رکيائين.

سيتا جون اکيون پاڻيءَ سان ڀرجي آيون. ڀاءُ کي چيائين ته "تو مونکي نه ڏيکاريو. چڱو مان امڙِ کي ٻڌائيندي يس."

رتن- امڙِ کي ٻڌائي به ڏس. ماري ماري فنا ڪري ڇڏيندو سانءِ.

سيتا- ته ڀوءِ مونکي ڇو نه ڏيکاريءِ؟"

رتن- ءِ جي ڪري ڀوين ها ته ڀوءِ؟

سيتا- تڏهن مونکي لڳي ها، توکي ته ڪجهه ڪين ٿئي ها.

ايتري ۾ ڪوٺيءَ جو دروازو کليو ۽ سندن ماءُ رڙ ڪري چيو:-

"چيو ڪين هو مانءُ ته اُس ۾ ٻاهر نه نڪرجو. ٻڌايو ته ڪٿڙو ڪنهن لاتو."

دروازو ته رتن کوليو هو. مگر سيتا اِها ڳالهه ماءُ کان لڪائي، انهيءَ ڪري ته متان رتن مار نه کائي.

ماءُ ٻنهي کي ننڍڙون هٿي وري به ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري سمهاري ڇڏيو ۽ پاڻ پکو هڻڻ لڳي.

ٻن جو وقت هو، ٻاهر جهولو ٻيءِ لڳو. هاڻي ٻنهي ٻارن کي ننڊ اچي ويئي.

( ٣ )

ڇئين ٻجي اوچتو سيتا جي اک کلي. دروازو کليل هو. هوءَ ڊوڙندي تختي وٽ آئي ۽ مٿي ڏسڻ لڳي ته ٽوڪريءَ جو پتو ندارد. اِتفاق سان سندس نظر هيٺ پٽ تي پئي.

هوءَ انهن ئي پيرن تي ڊوڙندي ڪوٺيءَ ۾ آئي ۽ واڪو ڪري چوڻ لڳي :-

رتن! آنا ته هيٺ پيا آهن ۽ ٻچا اُڏامي ويا.

رتن گهٻرائجي اُٿيو ۽ ڊوڙندو ٻاهر آيو. ڇا ڏسي ته آنا ڀڳا پيا آهن ۽ اُنهن مان ڪا ڇڙ جهڙي شيءِ ٻاهر نڪري آئي آهي. پاڻيءَ جي پيالي ٻه هڪ طرف ڀڳي پئي آهي. سندس چهري جو رنگ اُڏامي ويو ۽ گهٻراهٽ سان ڏسڻ لڳو.

سيتا - ٻچا ڪيڏانهن ويا؟

رتن افسوس سان چوڻ لڳو:- آنا ته ڀڄي پيا! ” ۽ ٻچا ڪيڏانهن ويا ؟“

رتن - تنهنجي سر ۾- ڏسين نٿي ته آنن مان اَڃا ٻاڻي نڪري آيو آهي. انهيءَ مان ته ٻن

چئن ڏينهن ۾ ٻچا ٺهن ها.

سندن ماءُ لڪڻ هٿ ۾ ڪڍي آئي. ڌمڪيءَ سان چيائين:-

”اُس ۾ ڇو بيٺا آهيو؟“

سيتا- اَمِي! اَمي! جهرڪيءَ جا آنا ڀڳا پيا آهن.

سندن ماءُ اچي ڀڳل آنا ڏٺا ۽ ڪاوڙجي پڇيائين ته ”ڪنهن آنن کي هٿ لاتو آهي؟“

هاڻ ته سيتا کي پاڻ تي ڏرو به ترس ڪين آيو. سمجهيائين ته هن شايد آنا اهڙيءَ طرح رکيا، جو ڪري پيا آهن، اِنهيءَ جي سزا ملڻ گهرجيس. جواب ڏنائين:

”اَمِي، رتن آنا ڪنيا هوا.“

ماءُ رتن کان پڇيو:- ڪئن ڙي؟

رتن پسيل ٻليءَ وانگر چپ بيٺو رهيو.

ماءُ- ٽون اوستائين پهتين ڪيئن؟

سيتا- صندليءَ تي اِسٽول رکي چڙهيو هو.

رتن- ٽون وري اِسٽول کي جهليو ڪونه بيٺي هئينءَ؟“

ماءُ- رتن، ٽون هيڏو سارو ٿيو آهين. ٽوکي ايتري به خبر نه آهي ته هٿ لائڻ سان جهرڪيءَ

جا آنا خراب ٿي پوندا آهن ۽ جهرڪي انهن تي آرو ڪين ڪندي آهي.

سيتا ٻ ڄڻدي پڇيو:- اَمي، تڏهن جهرڪيءَ ٿي آنا ڪيرايا آهن.

ماءُ- هائو، هاڻ انهيءَ جو پاپ رتن تي پوندو. دشٽ تي پسون ماريا.

رتن- روئڻهارڪو ٿي چيو:- اَمي! مون ته فقط آنن کي گديءَ تي رکيو هو.

ماءُ ڪان ڪل نڪري وئي. چي: ”تون سندن دوست ٻڻئين، مگر نادان.“

رتن ڪيترن ڏينهن تاءِ پڇتاءُ ڪندو رهيو. آنن جي سنڀال ڪرڻ جي خيال ۾ هن اُنهن جي ستياناس ڪري ڇڏي. اهو ياد ڪري هو ڪڏهن ڪڏهن روئي ڏيندو هو.

جهرڪي ۽ جهرڪ وري ڪڏهن به اُتي ڏسڻ ۾ ڪين آيا.

## نالو قائم ڪيئن رهندو

سليمان جي مغز ۾ هڪ خيال هو. دل ۾ هڪ آرزو، ته ڪيئن منهنجو نالو زنده رهي.

هڪ ڏينهن درياه جي ڪناري تي ويو. واريءَ جا ڍڳ لڳا پيا هئا. پنهنجي آڱر سان واريءَ تي پنهنجو نالو لکيائين. اُن کي ڏسندو ڏسندو ڪجهه وقت تائين خوش ٿيندو رهيو، مگر جڏهن درياه مان غسل ڪري نڪتو تڏهن سندس نالو ڊهي ويو هو. ڪيترا آدمي ۽ جانور تي لنگهيا. انهن جي پيرن هيٺان اچي ريتيءَ تي ليڪي جو بچڻ محال هو. سليمان کي پنهنجي نالي ڊهي وڃڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو. بارن جيان اچي روئڻ ۾ چٽڪيو. غمگين ٿي گهر موٽي آيو. اُن ڪانپوءِ هڪ ڪوئلو ڪنيائين ۽ شهر جي ديوار تي نهايت خوبصورت ۽ چٽن اکرن ۾ پنهنجو نالو لکيائين. ويجهوءَ ڏوران ڏسي خوش ٿيندو هو. هڪ ڏينهن شام جو شهر جي ننڍين ننڍين بارن اچي سندس نالي تي ايتريون ليڪون ڪڍيون، جو نالو نظر کان غائب ٿي ويو. ٻئي ڏينهن جڏهن ڏٺائين ته سندس نالي جو نشان به ڪو نه آهي، تڏهن غم ۽ درد

وچان سندس اکين مان لڙڪ لڙي پيا. پٽ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ رنائين.

اوچتو سندس دل ۾ هڪ نئون خيال پيدا ٿيو. هڪ تيز چاقو ڪڍيائين ۽ رچي هڪ وڻ جي ٿڙ تي پنهنجي نالي جا حرف اُڪري ڇڏيائين. مالهيءَ کيس چيو تہ جئن جئن وڻ وڏو ٿيندو ويندو، تئن تئن اهي اکر بہ وڏا ٿيندا ويندا. مگر اُلي بس ڪا نہ ڪيائين. شهرجي ديوار جي هڪ وڏي پٿر تي بہ کپ سان پنهنجو نالو اُڪري ڇڏيائين. اُن وقت هڪ سنگتيءَ چيس تہ هينئر تنهنجو نالو پٿرتي ليکو آهي. اُنجو ڊهڻ ناممڪن آهي. هيءَ ٻڌي سليمان ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو، ايتري خوشي ٿيس جو رات جو ننڊ بہ کين آيس.

سليمان هرروز اُن پٿر ۽ وڻ وٽ وڃي نالو ڏسي خوش ٿيندو هو. اهڙيءَ طرح هڪ سال گذري ويو. اوچتو سخت طوفان لڳو. سوين درخت پاڙون پٽجي پيا. ٻئي ڏينهن سليمان وڃي ڏٺو تہ سندس نالي وارو وڻ هيٺ زمين تي پيو آهي. مزوران کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري جلائو ڪاٺيون تيار

ڪري رهيا آهن. ويچاري نالي جي خواهشمند سليمان جو نالو به ڪپڙي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. سندس نالي واري ڪاٺي جلائي خاڪ ڪري ڇڏ يائون. اِها روئداد ڏسي سليمان ڏاڍو ملول ٿيو. سندس دل غم جي بار هيٺ دٻجي ويئي. اڃا اهو درد ئي دور ڪين ٿيو هوس ته رات جو ڌرڙي ڏيئي، شهرجي ديوار اچي پٽ ٿي پيئي. ٻئي ڏينهن ٻاهر ويو ته ڇا ڏسي ته ان پٿرجو به پتو ڪونهي، جنهن تي ڪپ سان پنهنجو نالو اُڪريو هوائين.

سليمان حيران پريشان هو ته ڇا ڪريان. پنهنجو نالو ڪئن قائم رکان. گهڻو ئي مٿو ماريائين، مگر سندس عقل ڪم ڪرڻ کان جواب ڏيئي بيٺو. ائين ڪيترا ڏينهن گذري ويا. مگر اِها لوري لڳي ئي رهيس. نه کاڌي جو خيال هوس، نه ڪپڙن جي پرواه. کيس فقط هڪ ئي خواهش هئي ته ڪئن سندس نالو قائم رهي.

انهيءَ سوداءَ ۾ هو، ته هڪ ڏينهن هڪ پير مرد گڏجي ويس، جنهن پڇيس "ڪئن ٻچا، تون مايوس ڇو ٿو ڏسجين؟"

سليمان جواب ڏنو ته "منهنجي مرضي

آهي ته منهنجو نالو قائم رهي، مگر ڪو به طريقو نه ٿو سمجهي. انهيءَ فڪر ۾ ڳرندو ٿو وڃان."

"جي توکي طريقو ٻڌايو وڃي ته ان تي عمل ڪندين؟"

"ڪندس، ڪندس، ضرور ڪندس."

پير مرد چيس "ٻچا، تو پنهنجي نالي قائم رکڻ لاءِ جيڪي ٻي ڪيو آهي، سو بي سود ٿيو آهي. ڪيترا آدمي توکان به اڳيرو ويندا آهن. اُهي مسافرخانه ٺهرائيندا آهن، کوه کٽائيندا آهن ۽ باغ رکائيندا آهن ۽ انهن تي پنهنجو نالو رکائيندا آهن؛ مگر ڪجهه سالن بعد ماڻهن کي سندن نالو ياد ڪو نه رهي. جي توکي پنهنجو نالو دائم قائم رکڻو آهي ته دنيا ۾ نيڪي ڪر. جنهن سان ٿي سگهيئي تنهن سان ڀلائي ڪر. پنهنجو نالو ڪاغذ پٿريا مڪانن تي نه لک، پر ماڻهن جي دلين تي لک. ڪاغذ ڦاٽي ويندا، پٿريري ويندا، مڪان ڀڄي ويندا، مگر اِنسانن جي دلين تي چٽيل نالو قيامت تائين قائم رهندو. رام، ڪرشن، حضرت محمد ۽ يسوع مسيح کي گذرئي هزارين ورهيه گذري ويا آهن، ته به سندن نالو اڃا قائم آهي ۽ قائم رهندو.

هوڏانهن حاتم طائيءَ هرشچندر جا مثال ڏس. نالو نيڪيءَ سان ئي قائم رهندو."

اِهو ٻڌي سليمان جون اکيون خوشيءَ مان چمڪڻ لڳيون، سندس چهرو ٽڙي پيو. پيرمرد کي چيائين "ڏاڏا، سچ ٿو چوين. آءٌ به پنهنجو نالو ماڻهن جي دلين تي اُڪرڻ جي ڪوشش ڪندس." ائين چئي پيرمرد کي سلام ڪري خوش ٿي ويندو رهيو.

## وفادار نوڪر

هڪ راجا هو. ڪيس هڪڙو وزير هو. راجا ۽ وزير ٻئي ڏاڍا سياڻا هئا، ۽ نهايت چڱيءَ طرح راڄ ڪندا هئا. هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي ته راجا جي دربار ۾ سچوءَ نالي هڪ آدمي نوڪريءَ جي خيال سان آيو. راجا پڇيس ته پگهار گهڻو وٺندين؟

سچو- پنج سؤ روپيه ڏهاڙي.

راجا- (حيران ٿي) ايترو پگهار! اهو تمام گهڻو آهي، ۽ ڪم ڪهڙو ڪندين؟

سچو- راجن! جهڙو پيسو تهڙو ڪم. آءٌ اهڙو ڪم ڪندس، جو ٻيو ڪو به ڪري نه سگهندو.

راجا- مونکي اهڙي گهري پگهاردار نوڪر جي ضرورت ڪانهي. تون رڳو ٻڌاڪون هٽي جاٺين.

وزير- مهاراج! هڪ ڀيرو مهنو نوڪر رکي ڏسوس. منجهس خاص مڏيا نظر ٿي اچي. پگهار بيشڪ گهڻو آهي، پر آزمائش وٺڻ ضروري آهي.

راجا سچوءَ کي نوڪر رکيو ۽ کيس حڪم ڏنائين ته رات جي وقت محل جي دروازي وٽ پهرو ڏيندو رهجي. ڪي ٿي مهنا گذري ويا. پر سچوءَ کو اهڙو ڪم ڪين ڪيو، جنهن مان

سندس لياقت ثابت ٿئي. رواجي پهريدار جو پگهار پندرهن روپيه ۽ سچوءَ کي پندرهن هزار ٿي مليا. اسانجي صوبه جي وزيرن جو پگهار پنجه سو روپيه ماهيانو ۽ خود گورنر جو هزار. سچوءَ گورنر کان به ٽيڻو پگهار ٿي کنيو ۽ کم ڏهن پندرهن روپين جو ٿي ڪيائين. راجا جي دل ۾ ڪيترا ڀيرا خيال آيو ته نوڪريءَ کان جواب ڏيئي ڇڏ يانس، پر ڏنل پگهار جو ويچار ڪري ڪنهن موقعي تي آزمائش وٺڻ لاءِ ترسيو.

هڪ رات جي ڳالهه آهي ته راجا کي ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. سچوءَ کي چيائين ته وڃي ڏس ته ڪير ٿو روئي ۽ ڇو ٿو روئي؟

سچوءَ چيو "حاضر سائين!"

ائين چئي هـن پنهنجي ترار کنئين ۽ اُن طرف روانو ٿيو، جتان روئڻ جو آواز ٿي آيو. راجا لڪي سندس پٺيان چاري رهيو، اُن لاءِ تـه پاڻ اکين سان ڏسان ته سچوُ ڇا ٿو ڪري. جهنگل ۾ پهچي سچوءَ ڏٺو ته هڪ سندر ناري، زيورن سان جهنجهيل زار زار ويٺي روئـي. سچوءَ پڇيس "مائي! تون ڪير آهين؟"

استري - مان هن راڄ جي لڪشمي آهيان.
سچو- لڪشمي ٿون آهين! پر روئين ڇو ٿي؟
استري - اُن ڪري جو راڄا پريهن مرندو.
سچو- پر ڪو اهڙو طريقو ڪونهي، جنهن مان راڄا بچي پوي؟
استري - آهي نہ سهين، پر اُن تي عمل ڪرڻ وارو آدمي مونکي نظر ئي نہ ٿو اچي.
سچو - اهو ڪهڙو طريقو آهي؟ شايد مان اُن تي عمل ڪري سگهان.
استري - جيڪڏهين ڪو آدمي ديوي ماتا تي پنهنجي پٽ جي قرباني ڏئي تہ راڄا بچي سگهندو. نہ تہ، نہ.

سچو اُن دم پنهنجي گهر وريو ۽ پيرائتي ڳالهہ پنهنجي زال سان ڪري ڪانئس پڇيائين تہ تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟
زال جواب ڏنس تہ "جنهنجو نمڪ ٿا کائون تنهن جي ڪم ڪان منهن موڙيون تہ اسان تي لعنت آهي. هيءُ تہ هڪڙو پٽ آهي، پر اسانجي جان بہ راڄا جي ڪم اچي تہ حاضر آهي."
سچوءَ پٽ کي نيئي ديويءَ تي بل چاڙهيو.

اهو ڏسي چوڪري جي ماءُ بيحال ٿي ويئي. ڇوڻ ته سولو هو ته پٽ کي قربان ڪريو، پر نيٺ به ته هوءَ سندس ماءُ هئي ۽ اهڙي ڪهڙي ماءُ آهي جا پٽ کي اکين اڳيان قتل ٿيندو ڏسي سهي سگهي. هوءَ غش کائي زمين تي ڪري ۽ مري ويئي سچوءَ ڏٺو ته پٽ ۽ زال ٻئي مري ويا. هاڻي مان اڪيلو جڳ ۾ جيئي ڇا ڪندس، سو ڪيندي ئي تلوار پنهنجو سر لاهي ڇڏيائين.

اهو سارو واقعو راجا اکين سان ڏسي رهيو هو. نوڪر جي وفاداري ڏسي مٿس ٻلهار وڃڻ لڳو. ڪيس اُمنگ اچي ريو ۽ ويچار ڪيائين ته جتي ههڙو وفادار نوڪر، تتي مان. تلوار ڪڍي پنهنجي پچاڻي ڪرڻ تي هو ته ايتري ۾ ديوي اچي پرگهٽ ٿي، جنهن چيس ”راجا! هيءَ ڇا ٿو ڪرين؟“

راجا – ديوي ماتا! انهن ٽنهي ڄڻن مون خاطر جان ڏني آهي، ٽنهن ڪري يا ته کين جيئرو ڪر، يا ته مان به ٿو مران.

ديوي – راجا! تون محلات ڏي وڃ، آءٌ ٽنهي کي جيئرو ٿي ڪريان.

راجا پنهنجي محلات ڏانهن وريو. ديويءَ وٽ اَمرت جو پيالو هو، جنهن مان هن ٿورو ٿورو تنهي تي ڇڻڪيو ته سڀ رام رام چوندا اُٿي کڙا ٿيا. سچوءَ، زال ۽ پٽ کي گهر ڏانهن موڪليو ۽ پاڻ موٽي اچي پهرو ڏيڻ لڳو.

ٿوريءَ دير بعد راجا گهرائي پڇيس "سچو! ڪنهن ٿي رنو ۽ سندس روئڻ جو ڪهڙو سبب هو؟"

سچوءَ پنهنجي ڪامل قرباني لڪائي جواب ڏنو "راجا! ڪا غريب زال هئي. مون کي ڏسي هلي ويئي."

راجا اِها ڳالهه ٻڌي هيڪاري خوش ٿيو ۽ دل ۾ چيائين ته هڪ هيءُ ئي آدمي عالم ڪان اوچ آهي. وفاداريءَ ۾ ٿي جانيون ڏيئي، پوءِ اُن جو ذڪر ڪرڻ ۾ به ڪيس حجاب ٿو ٿئي!

راجا کي ڪو پٽ ڪو نه هو. ٻئي ڏينهن هن سچوءَ کي پنهنجو ڌرم جو پٽ ڪيو ۽ راجا جي مرڻ کانپوءِ راج سچوءَ کي مليو.

## بهشت ۽ دوزخ

بهشت جو دروازو کليو، خداوند ڪريم جا فرشتا مقبول اِنسانن کي اندر داخل ڪندا ويا. ايتري ۾ هڪ اميروڏي شان شوڪت سان اندر هلڻ لڳو، ته فرشتي کانئس پڇيو ته تون ڪير آهين؟ امير جواب ڏنو "چا، تون مونکي نه ٿو سڃاڻين؟ آءٌ دنيا ۾ هڪ وڏو اميرهوس. منهنجو نالو ٻڌندي ماڻهو واه واه ڪندا هئا ۽ منهنجي حاضريءَ ۾ ادب ۽ عزت سان بيهي رهندا هئا."

فرشتي چيو ته "هتي اقبال جي ڪجهه حاجت ناهي. هتي ته فقط اهو ڏٺو ويندو ته تو دنيا ۾ نيڪي ڪئي آهي يا بدي."

امير چيو ته "مون دولت تمام چڱيءَ طرح خرچ ڪئي هئي. ڪئين مسافرخانا ٺهرايم، کوهه کوٽايم، يتيم خانا ٺهرايم. جي اعتبار نه اچي ته دنيا جي ماڻهن کان دريافت ڪئي وڃي."

نيڪيءَ جي فرشتي حساب جو ڪتاب ڏسي چيو ته تنهنجو چوڻ ٺيڪ آهي. مگر ٿورو صبر ڪر. آءٌ نيت جي فرشتي کان پڇي وٺان ته اُنهن خيرجي ڪمن ڪندي تنهنجي دل جي حالت

کهڙي هئي ؟ اينري ۾ نيت جو فرشتو اچي ويو. پنهنجو ڪتاب ڏسي چيائين "لاشڪ هن انسان چڱا ڪم ڪيا آهن؛ مگر اُن وقت هن جي اها نيت ڪانه هئي ته نيڪيءَ جي خاطر نيڪي ڪريان، بلڪ اُن وقت سندس دل ۾ ناموس جو خيال هو. سو ناماچار کيس حاصل ٿي چڪو. دنيا ۾ اڄ کهڙو آدمي آهي جو کيس نه سڃاڻي. هن روپيه خرچ ڪيا، وڏائي خريد ڪيائين. باقي ٻيو کيس ڇا کپي؟ نيڪي ڇڪتو ٿي چڪي. باقي بديءَ لاءِ کيس دوزخ ۾ وڏو وڃي."

اميرجي جان ٻگهر چڏڻ لڳي. هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو "حضور! جناب! مونکي بهشت نصيب ٿئي. منهنجي اها ئي خواهش آهي. مونکي ٻيو ڪجهه ڪونه کپي."

مگر عادل فرشتي جواب ڏنو ته "ائين ٿي نه ٿو سگهي. جي بهشت جي آرزو هيءَ ته اهڙو ڪو نيڪ ڪم ٻڌا غرض ڪرين ها، جنهن جي عيوض بهشت ماڻين ها. تون نه نانءَ نيڪيءَ جو ٻکيو هئين. وڃي دنيا ۾ ڏس ته جهان جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ تنهنجون تصويرون لٽڪي رهيون آهن."

اَميرڪي پوءِ سندس بد اعمالن جي سزا ڀوڳڻ لاءِ دوزخ ڏانهن وٺي ويا.

( ٢ )

هنئر دوزخ جو احوال ٻڌو. اُتي هڪ غريب ٻڍي آئي ۽ ازخود اَندر هلڻ لڳي. پهري تي بيٺل فرشتي پڇيس "ڪٿان مائي، تون ڪير آهين؟"

هن ورندي ڏني ته "آءٌ هڪ غريب ۽ گنهگار مِرَت آهيان."

"چاڻ تو دنيا ۾ ڪو به نيڪ ڪم ڪونه ڪيو؟"

"ٻچا، ڪهڙو نيڪ ڪم ڪريان. مون وٽ ته پنهنجي کاڌي لاءِ به پورو ڪونه هو. ڏينهن جا ڏينهن بکن ۾ گذري ويندا هئا. هڪ داڻو به وات ۾ ڪونه پوندو هو. مون کي هن جاءِ ۾ وڃڻ ڏيو. گنهگارن لاءِ دوزخ ئي ٺاهيل آهي." ائين چئي زاو زار روئڻ لڳي.

فرشتي پنهنجو ڪتاب کولي ڏٺو. تعجب ۾ پئجي چيائين ته "تنهنجو موٽ ڪٿان ٿيو؟ هتي ته لکيل آهي ته ڪيترا ڏينهن بکن ۾ پاڻ ٿي ٿيئي. جڏهن توکي کجهه کائڻ لاءِ مليو تڏهن تنهنجي سامهون هڪ يتيم ٻالڪ هٿ

ٻ گهيري سوال ڪيو. ته پنهنجو ڪاڌو هنڪي ڪٽي ڏنو. هو پيٽ ڀري هليو ويو ۽ تون ڦتڪي ڦتڪي مري ويئين ؟"

پڊيءَ حيرت وچان فرشتي ڏانهن نهاريو ۽ چيائين هائو، ٻچا! اهو ته سچ آهي."

ٽڏهن نيڪ جي فرشتي پنهنجي ڪتاب ۾ ڏٺو ۽ چيائين ته "جيڪي هن ڪان ٻچي سگهيو سو هن ڪيو ۽ سچيءَ دل سان ڪيائين. سندس دل ۾ ان وقت نه تعريف جي خواهش هئي، نه عيوضي جو خيال. هن ڪي وٺي وڃو، سندس جاءِ بهشت ۾ آهي."

چوڪيدار ڪيس بهشت جي دروازي وٽ وٺي ويو جتي خدا جا معصوم فرشتا سندس استقبال لاءِ ترسيل هئا ۽ خدا جي ساراه جا دل ٻچائيندڙ راڳ ڳائي رهيا هئا.